سکر (بيورورپورٽ) سني رابطا ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي صدر علامه مولانا اورنگزيب فاروقي ڇيو آهي ته اصحاب سڳورا انسان لاءِ انعام وارا آهن.اهڙو اظهار هن درس قرآن جي حوالي سان منعقد ٿيل "تحفظ و دفاع صحابہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ ممتاز عالم دين مولانا جان محمد جعفري جي پهرين درسي ملهائي وئي

علامه سيد محسن علي مهدوي، علامه سيد ارشاد حسين شاهه مولانا قاري منظور حسين شريڪ

درست علي ونگاڻي. مولانا رفيق الحسن. سماجي اڳواڻن اعجاز ممڻائي. فيروز ميمڻ. ارباب چانڊيو شريڪ

نوشهروفيروز (ڊ ر) ممتاز عالم دين مولانا جان محمد جعفري جي پهرين درسي سندس اباڻي ڳوٺ چتو وانگاڻي (علي پور) ۾ ٽي ملهائي وئي. جنهن ۾ علامه سيد ثمر عباس نقوي، علامه سيد محسن علي مهدوي،علامه سيد ارشاد حسين شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز ۾ ممتاز عالم دين مولانا جان محمد جعفري جي پهرين درسي ملهائي وئي

تنڈوباگو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران پريل ڊايو کي اغوا ڪرڻ خلاف احتجاج

اڳواڻي سيڪريٽري جنرل پريل ڊايو ۽ سندس پٽ کي اغوا ڪري تشدد ڪرڻ خلاف مظاهرو

منور راهوڪڙو،امر ڪنري،ساحل راهوڪڙو،بلاول پٺاڻ ،شاهجهان سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي

تنڈوباگو(رفاقت جروار) تنڈوباگو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ تنڈوباگو پاران سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري پريل ڊايو کي اغوا ڪرڻ وارن جوابدارن کي گرفتار ڪيو مظاهرو خبر مرحب تنڈوباگو ۾ سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

تنڈوباگو ڳوٺ ڇٽو قمبراڻي ۾ ٻن پورهيتن جي گهرن کي باهه لڳي وئي

ارباب چانڊيو ۽ گمبو چانڊيو جي گهرن کي اوچتو باهه لڳڻ سبب گهر سڙي رک ٿي ويا

هڪ عدد موٽر سائيڪل، جنريٽر، هنڊ ،ڪٽون، هڪ بندوق لائيسنس واري، گهر ۾ پيل اناج رک ٻاڙ، سمورو سامان سڙي رک. باهه متاثر ڪليل آسمان هيٺ ويندل واهر جي اپيل خبر موجب تعلقي تنڈي باگي جي يونين ڪائونسل سانگي ڦرهو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پيپلز ليبر بيورو ضلعي تنڈومحمدخان پاران پورهيتن جي حقن بابت اجلاس

تنظيم جو هڪ اهم اجلاس ضلعي صدر عبدالحڪيم دستي جي صدارت هيٺ ٿيو

سرخ سلام پيش ڪريون ٿا مزدورن سان اڃان تائين مسلسل ناانصافيون ٿي رهيون آهن

تنڈومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) پيپلز ليبر بيورو ضلعي تنڈومحمدخان پاران مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان پورهيتن جي حقن واري تنظيم جو هڪ اهم اجلاس ضلعي صدر عبدالحڪيم دستي جي صدارت هيٺ ٿي گڏيو ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

تنڈومحمدخان: پيپلز ليبر بيورو ضلعي تنڈومحمدخان پاران پورهيتن جي حقن بابت اجلاس جو ڏيک

سکر جي بي سيڪشن ٽاڻي جي حد صرافا بازار ۾ سوناري جي پٽ آپگهات ڪري چڏيو

ٻن زالن جي جيهڙي کان تنگ ٿي پاڻ کي لوندڙي ۾ گولي هڻي خود ڪشي ڪري چڏي

نوجوان ٻه مهينا اڳ ٻي پسند جي شادي ڪئي هئي جنهن تي پيءُ ۽ گهر وارا ان کان ناراض هئا

پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪرڻ لاءِ ٻن ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ بعد آزاد ڪري چڏيو:ذريعا

سکر(بيورورپورٽ)سکر جي بي سيڪشن ٽاڻي جي حد صرافا بازار ۾ واپاري محمد نديم ولد محمد ياسين گهر جي ڪمري ۾ پاڻ مٿان پستل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري چڏي خودڪشي واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ ورتي پوسٽ مارٽم لاءِ سکر سول اسپتال پهچايو پوليس جو چوڻ آهي ته نوجوان ٻه مهينا اڳ پسند جي بي شادي ڪئي هئي جنهن تي ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

خانپورمهر ويجهو گورنمينٽ مڈل اسڪول نظر علي خان گڏاڻي کي هاءِ اسڪول جو درجو ملي ويو

ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سکر، ڊي اي او ايجوڪيشن گهوٽڪي سميت اسٽاف شاگردن شرڪت ڪئي

گورنمينٽ مڈل اسڪول نظر علي خان گڏاڻي کي اپگريڊ ڪري هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو آهي:عملدار

استاد محمد پنا گڏاڻي، بادشا خان گڏاڻي، مولا بخش گڏاڻي، استاد عرفان گبول ،استاد داد محمد گڏاڻي شريڪ

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو گورنمينٽ مڈل اسڪول نظر علي خان گڏاڻي کي هاءِ اسڪول جو درجو ڊيارڻ لاءِ افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سکر، ڊي اي او ايجوڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانپورمهر ويجهو گورنمينٽ مڈل اسڪول نظر علي خان گڏاڻي کي هاءِ اسڪول جو درجو ملي ويو

ڪڙيو گهنور ۾ 3 ڏينهن اڳ برسات دوران وڄ ڪرڻ سبب فوٽ ٽيل نينگروٽ عملدار پهتا

حبيب چانڊيو جي ڪولهي پاڙي فوٽ ٽي ويل ڊنار نينگر دانيش ڪولهي وٽ ڊي سي ۽ ٻيا پهتا

ڊي سي آغا شاه نواز نينگر جي پيءُ کي 50 هزار ڪيش مدد طور ڏيڻ کان ڊسپينسري جو اعلان ڪيو

گهر سروي ۾ نالا شامل ڪرڻ ۽ بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام ۾ نالا شامل ڪرائڻ جون به هدايتون ڪيون

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ڊهٻتي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز بابر گزريل ڏينهن ڪڙيو گهنور ۾ آسماني بجلي ڪرڻ جي نتيجي ۾ فوٽ ٽي ويل ڊنار نينگر ڊي واڊ پورر ڪلهي سان سندس ڪڙيو گهنور لڳ ڳوٺ سهراب نظاماڻي پهچي فوتي نينگر جي واڊ پورر ڪلهي سان سندس پٽ جي وفات تي تعزيت ڪندي سندس اوچتي وچوڑي تي ڏک جو اظهار ڪيو.هن مرڪمي تي هن وارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو ۾ هارن ۾ تعليمي جاگرتا پروگرام گروئنگ استار اڪيڊمي طرفان مقابلا

اڪيڊمي طرفان هارن ۾ تعليم جو رجحان وڌائڻ لاءِ چتا پيٽي جا مقابلا ڪرايا ويا

پهرين ٽين پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ شاگردياڻين کي شيلڈون ڏنيون ويون

چتا پيٽي جا مقابلا ڪرايا ويا پهرين ٽين پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ شاگردياڻين کي شيلڈون ڏنيون ويون ۽ تعليم جو رجحان وڌائڻ لاءِ چتا پيٽي جا مقابلا ڪرايا ويا هارڙن جا والدين پڻ پروگرام مان لطف اندوز ٿيندا رهيا

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ هارن ۾ تعليمي جاگرتا پروگرام گروئنگ استار اڪيڊمي طرفان هارن ۾ تعليم جو رجحان وڌائڻ لاءِ چتا پيٽي جا مقابلا ڪرايا ويا پهرين ٽين پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ شاگردياڻين کي شيلڈون ڏنيون ويون دادو ۾ هارن ۾ تعليمي جاگرتا پروگرام گروئنگ استار اڪيڊمي طرفان هارن ۾ تعليم جو رجحان وڌائڻ لاءِ چتا پيٽي جا مقابلا ڪرايا ويا اسپيڪنگ ۾ مهارت رکندڙ استاد امتياز علي ملاح ۽ بخت علي ڪنهر جي ميزباني هيٺ تعليمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: هڪ نجي اسڪول ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي انعام ڏيڻ جي تقريب جو ڏيک

لکي غلام شاهه واسي پورهيت ڊرائيور کي پوليس پاران بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

لکي غلام شاهه (رپورٽر) لکي غلام شاهه واسي پورهيت ڊرائيور مغوي شهمير ولد لال گل پٺاڻ کي 28 ڏينهن بعد ڪوٽ شاهو جي علاقائي مان شڪارپور پوليس مقابلي ڪري بازياب ڪرائي ورتو پٺاڻ برادري ۽ وارثن سميت سوين ماڻهون ايس ايس آفيس پهچي ويا خوشي ۾ ايس ايس پي عرفان سمون جي حڪن ۾ پٺ ٽارا هنيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سنڌي ادبي سنگت شاخ ميتياري

پاران شاعر صحافي فقير پريل ڊايو جي اغوا خلاف احتجاج

ميتياري (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ميتياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نٽو: انصاف يوٿ ونگ حيدرآباد ڊويزن جا عهديدار تنظيمي دوري تي ٺٽي پهتا

ڪاڪوڙ ۾ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ

ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ ڪاڪوڙ

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر پهرين مئي 2023ع

تو جنِين جي تاتِ، تن پٽ آهي تنهنجي:
'فَاذكُرُونِي أَذكُر كُم'، اِيَ پَروڙِج بات:
هَتِ كاتي گُڙُ واتِ، پُڇَ نُ پَرِ پِرِين جي.

ڏاڙيلن جي خاتمي واري حڪمتِ عملي اثرائتي ثابت ٿيندي؟

حبيب جمالي

اُتر سنڌ جي ڪچي وارا علاقا هن وقت نوگو ايرياز بڻيل آهن. جيو وڄي ٿو ته، سکر ۽ لاڙڪاڻي رينج ۾ ايندڙ ڪجهي وارن علاقن ۾ صرف 50 کان 60 جي لڳ ڀڳ ڏاڙيلن جو حڪم هلندو آهي. سندن اجازت ڪانسواءِ پوليس توڙي قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار به ڪچي ۾ ننڍا لهي سگهن. اڳ ۾ ڏاڙيل صرف ۽ صرف ٻنهي ريجنن جي ضلعن سکر، لاڙڪاڻي، ڪشمور ڪنڊ ڪوٽ، شڪارپور، گهوٽڪي، جيڪب آباد ۾ بحث جو موضوع بڻيل هئا ۽ ماڻهو سندن خوف سبب رات جو سفر ڪرڻ کان لنواٽيندا هئا پر هي سوشل ميڊيا جو دور آهي. ان ڪري هاڻي ڏاڙيل سڄي سنڌ ۾ خوف جي علامت بڻيل آهن. ڇاڪاڻ ته ڏاڙيل هر آئي ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن مغوي جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي شيئر ڪري چڏيندا آهن. گذريل ٻن ٽن سالن ۾ ڏاڙيلن نه صرف مغوين سان بدفعلي ڪري ويڊيو رڪارڊ ڪري سوشل ميڊيا تي اپلوڊ ڪيون پر مغوين کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو. تازو ئي هڪ مغوي جي ويڊيو وائرل ڪئي وئي، جنهن کي پٽ سميت اغوا ڪيو ويو هو. ان کان علاوه آپريشن لاءِ ڪچي ۾ ويندڙ پوليس اهلڪارن کي شهيد ۽ زخمي ڪري بکترين گاڏين ته به قبضو ڪيو ۽ بکترين گاڏين تي چڙهي ڀڄڻ سميت ۽ ڪچي ۾ آپريشن لاءِ نفري وڌائي. آر آر ايف جا ڪمانڊوز ڏاڪا، نيون بکترين گاڏين خريد ڪيون، نوان ۽ جديد هٿيار پوليس لاءِ خريد ڪيا. ڊرون ڪئميرائن ۽ ٻين هٿيارن جي خريداري پڻ پراسيس ۾ آهي. آءِ جي سنڌ طرفان جوڙيل حڪمتِ عملي تحت ڪچي ۾ 250 پوليس چوڪيون قائم ڪرڻ ۽ ٻين اهم قدمن باوجود ڏاڙيلن خلاف آپريشن نتيجا ته نه ڏئي سگهيو پر رهندو شهرن ۾ اغوا ۽ ڦرٻاڻ جي وارداتن ۾ اضافو ٿيو. پوليس طرفان ناهيل هڪ چوڪيءَ تي به ڏاڙيلن حملو ڪري ٻن اهلڪارن کي شهيد ڪري چڏيو هو. جنهن بعد چوڪين تي ڊيوٽي ڏيندڙ اهلڪار به خوف ۽ مبتلائي ويا آهن. آءِ جي سنڌ، لاڙڪاڻي ۽ سکر جي ڊي آءِ جيز ڪڏهن غور ڪيو آهي ته آپريشن چوناڪار ٿيندا آهن؟ هر پيري پوليس جوئي نقصان چو ٿيندر آهي؟ سنڌ حڪومت پوليس تي اربين روپيا خرچ ڪرڻ باوجود آپريشن مان ڪو ڪوٽيل نه نڪرندو ته پوءِ جاني ۽ مالي نقصان جي ذميواري ڪنهن جي ڪاني ۽ وڃهجي؟ ان لاءِ ضروري آهي ته. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ پنهنجي حڪمتِ عملي تي ٻيهر غور ڪري. آءِ جي سنڌ ڪي شڪارپور جي حساسيت جي خبر نه هجي. ائين نڦو ٿي سگهي، ان باوجود شڪارپور ۾ هڪ اهڙو ايس ايس پي لڳايو ويو، جنهن جي فرسٽ پوسٽنگ هڪي ۾ هن 6 مهينن اندر امن ته قائم ڪيو پر سپاهين، هيڊ ڪانسٽيبلن ۽ اي ايس آئيز ڪي ٽاٽين ٿي ايس ايڇ او ضرور لڳائي چڏيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو شڪارپور جو رهندو سهندو امن به تباهه ٿي ويو ۽ ڏاڙيل بيهر بي خوف ٿي ڪارروايون ڪرڻ لڳا. نيٽ آئي جي سنڌ ڪي احساس ٿيو ۽ هن ان آفيسر کي پهرين وضاحت لاءِ طلب ڪيو ۽ بعد ۾ ڪيس عهدي تان هٽائي چڏيو ڪليم امام جي دور ۾ به شڪارپور ۾ ڪامران نواز ڪي ايس ايس پي لڳايو ويو هو. جنهن ڏاڙيلن خلاف آپريشن ته نه ڪيو پر تيغ خان تيغائي ڪي ايوارڊ ضرور ڏنو. ايس ايس پي جيڪب آباد به جونيئر آهي ۽ جيڪب آباد ۾ ان جي پي پوسٽنگ آهي. ان کان اڳ قمبر شهدادڪوٽ ۾ ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو هو. جيڪب آباد جي ڪچي ۽ جڪرائي ڏاڙيل گروپ جو هن کان اڳ ڪو نالو نشان ٿي نه هو اڳ ۾ هوندا ته به ايتري دليريءَ سان وارداتون نه ڪندا هئا پر پوليسنگ جو اهو معيار وڃي رهيو جو انهيءَ گروپ هڪ ئي ڏڪ ۾ 6 اهلڪار شهيد ڪري چڏيا. اهڙيءَ ريت ايس ايس پي سکر ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي به پهرين پوسٽنگ آهي، ٽوروِ اڃڻي اچو ته ايس ايس پي دادو جي به پهرين پوسٽنگ آهي، اهو به جونيئر آهي. منهنجو مطلب اهو ناهي ته ڪين پوسٽنگ ته ملڻ گهرجي پر پوليسنگ جو به هڪ اصول آهي ته ضلعن جي حساسيت کي نظر ۾ رکندي آفيسرن جي پوسٹنگ ڪئي ويندي آهي. جيئن پاڻ وٽ بدين، ٽنڊو، عمرڪوٽ عام طور تي پرامن ضلعا آهن پر انهن جي پيٽ ۾ اتر سنڌ جي ضلعن ۾ امن امان جو مسئلو رهندو پيو اڃي. ان جو اندازو ان مان لڳايو ته سينيئر آفيسر شبير سيال ڪشمور ـ ڪنڊ ڪوٽ ۾ جرائن ڪرڻ بعد ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ڊڳهي موڪل تي روانو ٿي ويو ڏريان موجب امجد شيخ به في الحال حيدرآباد کي چڏي نٿو چاهي. ڪچي ۾ آپريشن لاءِ "آپريشن جو تجربو" هجڻ به ضروري آهي ۽ اهو به ضروري آهي ته مقامي ماڻهو ڪهڙي آفيسر تي ڪيترو "اعتماد" ڪن ٿا.

آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي 250 چوڪيون قائم ڪيون ٻيون وڌن، جڏ ته باروڊر ٽاهيو پيو وڃي ته اوهان ڪچي ۾ صحيح آهيو، باهر نه نڪرو، اهو طريقو سمجهه کان ٻاهر آهي. چاڪاڻ ته ڏاڙيل جڏهن ٻرن مان نه نڪرندا تيستائين پوليس جي هٿ ڪيئن جوڙهندا؟ ٿيڻ ته ائين گهرجي ها جو ڪچي جي مخصوص لنگهن تي رات جي پهر "آپر بَش" لڳايا وڃن ها، يعني 10_10 اهلڪارن تي مشتمل اينٽي ڊڪيت ٽيمون جوڙيون وڃن ها، انهن کي مخصوص لنگهن تي لڪ ڇپ ۾ رات جو ويهاري چڏين ها. جيئن گهات لڳائيو آهي، ڏاڙيل واردات ڪرڻ لاءِ نڪرن ها يا واردات ڪرڻ بعد ٻيهر انهن لنگهن تان ڪچي ۾ لهن ها ته گهات لڳائي ويندا اينٽي ڊڪيت ٽيم جي ور چڙهي وڃن ها، ماضي ۾ ڏوهارين خلاف اهو ئي طريقو تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيو ۽ هاڻي به فائديمند ثابت ٿيندو، باقي چوڪين کي ته هو راڪيٽ لانچر سان اڏائي چڏيندا ۽ ڏاڙيلن اهو ٻهريون حملو ڪري ثابت پڻ ڪيو آهي.

هن وقت به ضرورت انهي ڳالهه جي آهي ته جاڏائيل ضلعن ۾ قابل ۽ عوامي اعتماد تي ٻهرو لهندڙ آفيسرن کي مقرر ڪيو وڃي ۽ انٽيليجنس کي وڌايو وڃي.

****

حقن جي قرلٽ، وحشي دور کان مهذب دور تائين

تحرير: پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي

بيشڪ اهي انسان تاريخ ۾ شاندار روايتن سان ياد ڪيا وڃن ٿا، جن ظلم، جبر، حق تلفين ۽ استحصال خلاف حق جو آواز بلند ڪيو ۽ قومي غلاميءَ خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. تاريخ جا ورق اڻلاڻ مان انسان کي خبر پوي ٿي ته سرمائيداراڻي نظام جي شروعات يورپ ۾ چوڏهين پندرهين صدي عيسوي ڏاري اٽليءَ کان ٿئي ٿي، سرمائيداري نظام کان اڳ پوري دنيا ۾ جاگيرداري نظام رائج هو، انساني سماج جي ارتقا جي تاريخ جيتري پراڻي آهي، ايتري ئي پراڻي تاريخ استحصال، ڦرلٽ، جبر ۽ ظلم جي آهي، مظلوم قومن ۽ طبقن جي حقن جي ڦرلٽ وحشي دور کان مهذب دور تائين مختلف شڪلين رومن ڪليساجي روپ ۾ جاگيرداري جي شڪل ۾ سرمائيداري جي شڪل ۾ ٽيندي پئي اچي جيڪا اڄ جديد دنيا ۾ پڻ جاري آهي، مظلوم مائهن جيڪي اڄ جتن ڪندي پاڻ کان ڏهوڻ تي طاقتور استحصالي قوتن خلاف هر دور ۾ بغاوتون ڪيون ۽ جيڪي لاءِ جدوجهد ڪندي لکين ڪروڙين انسانن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي ايندڙ نسلن لاءِ انساهه پيدا ڪيو.

1345 عيسوي ۾ اٽليءَ جي ڪارخانن ۾ پنهنجورت پاري ساڻي سرمائيداري دنيا ۾ روشني پيدا ڪندڙ پورهيتن جڏهن يونين ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ته مزدورن جي ليبر "چنتوبران ڊيني" سميت 9 پورهيتن کي ڦاهي چاڙهيو ويو ۽ مزدورن جو زور توڙڻ لاءِ باهران مزدور خريد ڪري آندا ويا، اهڙي ريت 1368 ع ۾ هڪ پي بغاوت کي پڻ استحصالي قوتن ٻاران تمام وحشيائي طريقي بيدرديءَ سان ڪچليو ويو. تنهن هوندي به مزدورن جو حوصلو پست نه ٿيو ۽ شورش مالي نه ٿي ۽ پنهنجا حق چني وٺڻ جي لازوال جذبي تحت ڏهن سالن جي وقفي بعد وڏي پئماني تي پوري طاقت سان بغاوت ڪئي ڪنيو "ول ڊيورانٽ" جي چوڻ موجب ته هن بغاوت فلورينس جا بنياد ئي اکيڙي چڏيا ۽ حڪومت جو تختو اونڌو ڪري رياست ۽ پورهيت راڄ جنهن کي سائنسي سوشلزم جي اصطلاح ۾ "پرولتاريا ڊڪٽيٽرشپ" چيو ويندو آهي، قائم ڪيو ويو اهڙي ريت ظلم ۽ ڦرلٽ خلاف شورش ٽيندي رهي ڪامياب ۽ ناڪامي گڏوگڏ هلندڙ رهيون.

19 صدي هڪ طرف يورپ ۾ صنعت ۽ تجارت جي اوج جي صدي آهي ته ٻئي طرف سرمائيدارن، استحصالي واپاري تولي جي ظلم خلاف بغارتن ۽ مظلومن جي آزاديءَ جي صدي پڻ آهي. هن زماني ۾ مزدورن کان جبري طور تي 10 کان 14 ڪلاڪ ڊيوٽي ورتي ويندي هئي، عورتن، مردن ۽ معصوم ٻارڙن کان پڻ انتهائي سخت پورهيو ڪرايو ويندو هو. موڪل جو حق به پورهيتن کي نه هوندو هو. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪوئي بيمار پئي ٿيو ته به ڪيس ڏيوڻيءَ لاءِ پابند ٻڌايو ويندو هو جو ڏورن کان به بدتر حالت هئي پورهيتن جي مئي ڏي وارو واقعو ڪميونزم جي موجد ڪارل مارڪس جي وفات 1883 ع کان ٿي سال پوءِ پيش آيو. هن واقعي کان صرف هڪ سال اڳ ۾ اينگلز پنهنجي جگري دوست ڪارل مارڪس جي مشهور ڪتاب "سرمايي" جو پهريون جلد چپرائي پڌرو ڪيو هو.

واضع رهي ته سن 1491 ع ڪولمبس هندستان جي سفر لاءِ نڪتو ۽ آمريڪا دريافت ڪيائين، تاريخ ۾ ذڪر آهي ته آمريڪا ۽ هندستان جي دريافتن اولهه يورپ جي تقدير ئي بدلائي چڏي، صنعت وحرفت ۽ واپار جو مرڪز اٽليءَ کان بحر اٽلانٽڪ جي ساحلي ملڪن ڏانهن منتقل ٿي ويو، بين الاقوامي واپار جي غرض سان ولڊيون وڏيون ڪمپنيون وجود ۾ اچڻ لڳيون، سن 1600 ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني وجود ۾ آئي، هندستان ۽ چين ۾ هن ڪمپنيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن به واپاري ڪمپنيءَ کي واپار جي اجازت نه هئي، اهڙيءَ ريت لنڪا ۽ جاوا ۾ وري ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي اجارادارين هئي، عالمي سطح تي ڦرلٽ ۽ جبر وبربريت جو وحشي ٻڙوجيڪو سورهين صديءِ عيسوي کان شروع ٿئي ٿو. ڏسندي ئي ڏسندي آٿوهين صديءَ ۾ پنهنجي پوري اوج تائين پهچي وڃي ٿو.

سنڌ کي تاج برطانيا جي غلاميءَ ۾ ايڪيتاليهه سال ٿي ويا هئا، جو پهرين مئي 1886 ع تي آمريڪا جي شهر شڪاگو جي گهٽين ۾ مزدورن جو زٻرٻ وهايو ويو. پورهيتن جي شاندار تاريخي جدوجهد جو هيءُ ڏهاڙو پوري دنيا ۾ شڪاگو جي شهيدن جي ياد طور ملهايو ويندو آهي، مظلوم ماڻهن جي ناقابل شڪست هن معرڪي مان اڄ به دنيا جا مظلوم اتساهه ونڊن ٿا. هي واقعو سادن لفظن ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته جڏهن جيئڻ جو حق گهرڻ سان ملڻ نا ممڪن بڻجي پوي ته پوءِ جيالپي لاءِ جنگ ظالم قوتن خلاف وڙهڻ اولين فرض بڻجي پوي، مئي ڏي جي مختصر ڪٿا ڪجهه هن طرح سان بيان ۾ آڻي ٿي ته آمريڪي شهر شڪاگو اپرنڊڻ صنعتي شهر جو درجو پٽي رکيو. فئڪٽرين ۾ آمريڪي مقامي پورهيتن کان علاوه جرمن ۽ بوهينيا جا پورهيت (عورتون، ٻار ۽ مرد) پڻ شامل هئا. ليبر يونين جي سڏ تي 8 ڪلاڪ ڏينهن ۾ ڪم، هفتيوار هڪ ڏينهن موڪل ۽ مسئلن جي حل لاءِ يونين ٺاهڻ جو حق ملڻ لاءِ هڪ احتجاجي ريلي جو اهتمام ڪيو ويو. پهرين مئي تي هزارين پورهيت هٿن ۾ اڇي رنگ جا جهنڊا کڻي پر امن احتجاجي جلوس ڪڍي جي آزاديءَ جي صدي پڻ آهي، هن زماني ۾ مزدورن کان جبري طور تي 10 کان 14 ڪلاڪ ڊيوٽي ورتي ويندي هئي، عورتن، مردن ۽ معصوم ٻارڙن کان پڻ انتهائي سخت گهيري ۾ آڻي چڏيو، هتي هيءُ ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي ته اڳوات ئي سرمائيدارن طرفان طئي ڪيو ويو هو ته مزدورن جي احتجاجي تحريڪ کي پوليس ذريعي ڪچليو ويندو، ان پلاننگ تحت "شڪاگو ڪمرشل ڪلب" پاران (2000) جديد مشين گن ۽ ٻيا هٿيار خريد ڪري "الينوئيس نيشنل گارڊز" کي ڏنا هئا. شڪاگو ڪمرشل ڪلب سرمائيدارن جي يونين هئي، ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته پورهيتن جي پر امن احتجاجي تحريڪ کي وحشيائي تشدد جي ذريعي ڪچلڻ جون سرمائيدارن اڳوات ئي پريپور تياريون ڪري چڏيون هيون.

جڏهن آخري مقرر اسٽيج تي تقرير ڪري رهيو هو جنهن بعد اهو برساتي جلسو پڄاڻي تي پهچڻ وارو هو ته هڪ پوليس جٿو هزارين پورهيتن جي جلسي واري جڳهه اسڪوائر ۾ پريڊ ڪندي اچي پهتو ۽ جلسو ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنائون، چند منٽن بعد جئين آخري مقرر پنهنجي تقرير پوري ڪري اسٽيج کان هيٺ لٿو ته هڪ طرف کان پوليس جٿي مٿان اچي ڪڙڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار مري ويو ۽ تقريبن 70 اهلڪار زخمي ٿيا، موٽ ۾ پوليس پورهيتن جي پر امن جلوس مٿان جديد هٿيارن جا منهن ڪولي چڙيا، وحشيائي اندا ڌند فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ پورهيت لڏي ٿي ٿي شهيد ٿي ويو ۽ سوين پورهيت زخمي ٿيا، Haymarket جي ان اسڪوائر جي روڻن تي بي هٿيار مظلوم پورهيت جو ايترو خون وهايو ويو جو امن وارا اڇا جهنڊا پورهيتن جي وهايل رت ۾ رڳجي ڳاڙها ٿي ويا.

ان ڏينهن کان ولهي اڇ تائين پورهيتن جا جهنڊا ڳاڙها ٿي آهن، استحصالي ڦورو ٽولا اڄ به پيڙهيل ۽ ڪمزور قومن، طبقن جو استحصال جاري رکيون پيا اچن، آجر کي پوري اُجرت نٿي ڏني ويڄ. اندر ايج ٻارڙن کان جبري پورهيو ورتو ٿو وڃي، پورهيت ٻارڙن ۽ عورتن کان سستي ليبر طور ٽوڙي اجرت ۾ گهٽتي محنت جبري طور ورتي وڃي ٿي، توڙي جو اهڙن غير انساني قدمن خلاف قانون به جوڙيا ويا آهن، ليڪن انهن قانونن تي سرمائيدار استحصالي قوتون اڄ به عمل نٿيون ڪن، مئي ڏاهڙو هينئر بين الاقوامي سطح تي پورهيتن جو عالمي ڏينهن لکيو وڃي ٿو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ هيءُ ڏاهڙو سرڪاري طور ملهايو وڃي ٿو. مئي 1886 ع تي پيش آيل هن واقعي جي پاداش ۾ 8 پورهيتن مٿان ڪينگرو ڪورٽ ۾ پوليس اهلڪارن جي قتل ۽ فساد ڦهلائڻ وارن من گهڙت الزامن تحت ڪيس هلائي پورهيتن کي ڦاهيءَ جي سزا ڏني وئي، ايڪيهين صديءِ ۾ هن واقعي جي شهيد پورهيتن کي سرخ سلام ته اڄ به پوري دنيا جا مظلوم ڪن ٿا پر الائي ڇو سرخ انقلاب جو خواب ۽ انقلابي جدوجهد جو هر رومانوي روح ڪنڊ موڙي انا الحق جو نعرو بلند ناهي ڪري سگهيو.

مزدورن جي عالمي ڏاهاڙي تي خود مزدور مزدوري ڪري پيٽ پالينڊو

محمد خالد ميمڻ

پهرين مئي شڪاگو جي شهيد مزدورن جي ياد ۾ عالمي ڏاهاڙو ڪري ملهايو ويندو آهي ۽ ان تاريخ تي سڄي دنيا ۾ موڪل ڪئي ويندي آهي ۽ ان تاريخ تي سڀ اداريا بند هوندا آهن پر ڏڪ جي ڳالهه اها آهي ته جن مزدورن لاءِ اها سڄي دنيا اندر موڪل ڪئي ويندي آهي اهي مزدور ان ڏينهن به مزدوري ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته روزاني ڏاهاڙي تي مزدوري ڪندڙ اڳرهڪ ڏينهن به مزدوري نه ڪندا ته انهن جي گهر جو چلهو ڪيئن ٻرندو ۽ انهن کي مالي ڪٽان ملندي ۽ انهن جا ٻار ڇا ۽ اهي ڪيئن پاليندا چوته پيٽ جي باه کي رسائڻ لاءِ مالي ته ضروري آهي ۽ ان عالمي ڏاهاڙي تي موڪل ڪرڻ سان ڇا انهن روزانو اجرت ڪري پيٽ پالينڊن جو پيٽ پرچي سگهي ٿو نه بلڪل به نه ۽ گهٽو ڪري ته ان پهرين مئي واري موڪل جي روزاني مزدوري ڪنڊڙن مزدورن کي جاڻ ئي ناهي هوندي چاڪاڻ ته انهن کي ان ڏينهن ته به ساڻگهئي مزدوري ٿي ڪرڻي پوندي آهي جنهن ڪري انهن ته ان موڪل جو ڪو اڌر پونڊ ٿي ناهي ته انهن کي ان ڏينهن جي موڪل آخر ڇو ۽ ڇا لاءِ ياد هجي بلي ته مزدوري ڪندڙ ڳڏه ڳاڏو هلائي ڪمائڻ واري ريڙهي ته مزدوري ڪندڙ گهر ناهيندڙ رازه ۽ مزدور سميت سڀ روزانو ڪمائيندڙ پهرين مئي ته به ائين ٿي مزدوري ته ويندا جيئن اهي پين تاريخن ته ويندا آهن باقي ان موڪل جي ڏاهاڙي ته دنيا جا مزدور اڳواڻ سماجي سياسي اڳواڻ وڏا وڏا اجلاس ڪري دونهاڙا تقريرون ڪري مزدورن جي حقن ته ڪالاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏئي سامهون ويٺل سامعين کان تاڙيون وڃرائي زبردست داد وصول ڪري پنهنجي گهرن ۾ آرامي وڃي ٽيندا پر جن جي حقن جن جي نالي ته موڪلون ڪائي وڏيون وڏيون تقريرون ڪندا آهن اهي ويچارا ان ڏينهن ته به رڪشا بسون ريلون جهاز هلائي ڪين هڪ هٿ ڪان ٻئي هٿ پهچائڻ واسطي ساڳي ئي مزدوري ڪندي نظر ايندا آهن انهن جي زندگي ۾ ڪابه تبديلي نظر ناهي ايندي ته ان لاءِ سڄي دنيا جي حڪومتي عالمي اڳواڻن کي گهرجي ته ان پهرين مئي تي سهڻي روزاڻه اجرت وارن مزدورن کان ڪوبه ڪر نه ورتو وڃي خاص طور تي انهن کان جيڪي ننڍا ننڍا مزدور آهن ۽ ان ڏاهاڙي کين پنهنجي سرڪار طرفان امداد طور گهر جي خرچن مطابق پيسا ڏنا وڃن ته جيئن اهي روز مزدوري ڪندڙ مزدور ان ڏينهن تي گهٽ ۾ گهٽ آرام ڪن جيڪو ڏاهاڙو سندن جي نالي تي ملهايو پيو وڃي پر ان جو فائدو پين ٿو ملي ۽ ڪين جو ان ڏينهن استحصال ٿئي ٿو

***

ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي

ڄائو ۽ ڀڳل ڳوٺ ڪنڊيارو، ضلع ٽنڊو الهيار. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۽ ڀرسان. ميٽرڪ ۽ انٽر ٽي ايڇ جوڻيجو ڪاليج ٽنڊو الهيار مان. بي ايس سي ۽ ايم ايس سي ڪراچي يونيورسٽي مان. ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي سنڌ يونيورسٽي مان. ڪجهه سال ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ پڙهايو. 1990 کان 2020 تائين سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهايو. ڪجهه سال ڊائريڪٽر ڪوالٽي ايشورنس ۽ ڊائريڪٽر ايڪسٽرنل ريليشنز جي عهدن تي به ڪم ڪيو. ڪجهه سال ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز ۽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي عهدن تي به ڪم ڪيو. 2020 ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. هن وقت ڪراچي ۾ رهي ٿو ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول آهي.

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جرڳن تي پابنديءَ وارو تاريخي فيصلو

سنڌ هاءِ ڪورٽ عورتن کي ڪارنهن جي الزام ۾ قتل ڪرڻ تي بندش وجهندي جرڳا ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏيئي چڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صلاح الدين پنهور سمورن ضلعن جي سيشن ججن کي به حڪم ڏنو آهي ته جتي به جرڳو ٿئي ته ڪارروائي ڪئي وڃي. سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ کي پنجن سالن جي جرڳن ۾ انهن خلاف ٽيل ڪارروائيءَ جا تفصيل پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيئي چڏيو آهي. سنڌ ۾ جرڳائي پوتارن رياست اندر رياست قائم ڪري ورتي آهي. رياستي قانون جي بدران جرڳائي سردارن جو جبر وارو 'قانون' هلي ٿو. انهن 'انصاف' جو 'متوازي ۽ متبادل' سرشتو جوڙي ورتو آهي. جرڳن ۾ نه صرف عورتن جي عصمت جو اڇڻ ۽ زندگيءَ جي قيمت لڳائي وڃي ٿي، پر عورتن کي ڪارنهن جي الزام ۾ قتل ڪرڻ جي فتويٰ نه صرف جاري ڪئي وڃي ٿي پر ان تي عمل به ڪرايو وڃي ٿو. اهي جرڳائي سردار هڪ ئي وقت عدالتي اختيارن جو استعمال ڪندي نه صرف سزائون ڏين ٿا پر ان سزا تي جبري عمل به ڪرايو وڃي ٿو. انهن جرڳن ۾ خون، خونن ۾ پاڙيا وڃن ٿا. ڪروڙين روپيا ڏنڊ وڏو وڃي ٿو. ڏنڊ جو وڏو حصو انهن جرڳائين ڏانهن وڃي ٿو. عورتون سگ چٽيءَ ۾ ڏنيون وڃن ٿيون. ڏوهه انهن پوتارن جي معيشت بڻيل آهي. اقتدار ۽ اختيار جي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺلن طرفان جرڳائين جي حمايت ۽ سهولتڪاري پڻ ٿئي ٿي، جنهن ڪري ئي انهن جي جاهه ۽ جلال جو جهان سلامت آهي. انهن غير انساني سزائن ۽ رياستي قانون خاموشيءَ سان ڏسندو رهي ٿو. جرڳا ڪندڙن خلاف ڪا به ڪارروائي نٿي ٿئي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته 19 سال اڳ 2004 ع ۾ پٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ (سکر بينچ) جرڳن تي پابندي عائد ڪئي هئي. اهو تاريخي فيصلو جسٽس رحمت حسين جعفري ۽ جسٽس بدر عالم ٻڌل بينچ ڏنو هو، پر ان فيصلي تي به هرحڪومت عمل ڪرائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي. حد ته اها آهي ته، سرڪاري سرپرستيءَ ۾، پوليس جي پهري ۾، سرڪٽ هائوسن ۾ به جرڳا ٽيڻ جو رڪارڊ موجود آهي. جرڳن ۾ وزيرن ۽ مشيرن جي شرڪت جون خبرون به ميڊيا تي رپورٽ ٽيندڙ رهيون آهن. اعليٰ پوليس عملدار، جن جو منصبي فرض جرڳن تي پابنديءَ واري عدالتي فيصلي تي عمل ڪرائڻ آهي، اهي به انهن جرڳائي پوتارن سان گڏ ويٺل هوندا آهن، جو اهي پنهنجي مقررين ۽ بدلين لاءِ انهن پوتارن جي سفارش جا محتاج آهن. ڪجهه جرڳا ته قومپرستن به ڪرايا هئا. ارباب رحيم جي دور ۾ سي ايم هائوس ۾ به جرڳن کان ڪير باخبر نه هوندو! جڏهن جرڳائي سسٽم ڪار طرفان به آڪسيجن ملندي هجي ته اهڙي صورتحال ۾ جرڳن جو سڄ ڪيئن لهي سگهندو؟ 2004 ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جرڳن تي پابنديءَ واري فيصلي تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي ها ته، جرڳائي سردار ايترا سگهارا نه هجن ها. باقي جيتريقدر آءِ جي طرفان جرڳن جي پنجن سالن جي رڪارڊ مهيا ڪرڻ جو تعلق آهي ته آءِ جي به تفصيل ضلعن جي پوليس ڪمانين کا گهرائيندو، جن مان جرڳن جو درست رڪارڊ پيش ڪرڻ جي ڪيئن ٿي اميد رکي سگهجي؟ اتان ڪهڙو رڪارڊ ملندو. اهو اُهي اڪين پيو ڏسجي! انساني حقن ۽ خاص طور تي عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن وٽ درست انگ اکر ٿي سگهن ٿا، انهن کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ اهو رڪارڊ عام ڪرڻ گهرجي ته 2004 ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جرڳن تي پابنديءَ واري فيصلي کانپوءِ انهن 19 سالن دوران انهن سردارن جي فتوائن تي ڪيترين نياٽيون ڪارين ڪري ماريون ويون. ڪيترين سگ چٽيءَ ۾ ڏنيون ويون. ڪيترن ماڻهن کي ڳوٺ نيڪالي ڏئي دربدر ڪيو ويو. انهن جي ايف آءِ آر ڪنهن تي داخل ڪجي؟

سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان ڪارنهن جي الزامن ۾ عورتن جي قتل ۽ جرڳن تي پابنديءَ واري تاريخي فيصلي کي اسان تحسين جي نگاهه سان ڏسون ٿا. ان عدالتي فيصلي تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي. رياستي قانون جي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ سان ئي ممڪن آهي. رڳو هر ضلعي ۾ سيشن جج ئي سختي ڪن ۽ جرڳا ڪندڙن کي توهين عدالت جي ڏوهه ۾ سزائون ملن ته جرڳائي سسٽم جي ڦوڪٽي مان هوا نڪري ويندي. جرڳائي سسٽم ڪمزور ٽيندي ئي ڏوهن ۾ به گهٽتائي اچي ويندي، چو ته اهوئي سسٽم ڏوهن کي سرپرستيءَ جي چٽي مهيا ڪري رهيو آهي.

بقايا
***
01

روس يوڪرين تڪرار تي يو اين ووٽنگ بابت آهي. هڪ صلاحڪار وزيراعظم کي مشورو ڏنو ته قرارداد جي حمايت سان پاڪستان جا روس سان واپار ۽ توانائي کي خطرا ٿي سگهن ٿا ۽ قرارداد جي حمايت پاڪستان جي پوزيشن ۾ تبديلي جو تاثر ڏيندي. ليڪ دستاويزن موجب حنا رباني کر چپو آهي ته پاڪستان کي اولهه کي خوش ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، پاڪستان جي آمريڪا سان اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ قائم رکڻ جي خواهش چين سان اصل اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ جي مڪمل فائدن جي قرباني ڏيندي. واشنگٽن پوسٽ موجب پاڪستاني اختيارين اهڙن دستاويزن تي ڪو به تبصرو ڪرڻ کان نابري واري آهي. آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ آمريڪا جي يوڪرين جنگ تي ڪهڙا انصاف جي جذبات کان آگاهه ڪندي، ٻئي طرف شاهه محمود قريشي چيو ته معاملا سنڀارڻ جي ڪوشش ڪئي ٻئي وڃي ته انهن کي ڪير خراب ڪري رهيو آهي. آگاري تي جيڪا اڇپرائي ٿي ان کان سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪندي، پوءِ عدالت جيڪو چاهي فيصلو ڪري.

بقايا
***
02

قريشي پرويز الاهي جي فيملي سان ملاقات بابت اسحاق ڊار کي آگاهه ڪيو حڪومتي ڳالهين واري ٽيم جي ميمبر اسحاق ڊار شاهه محمود قريشي کي جواب ۾ چيو آهي ته قانون سڀني جي لاءِ برابر آهي. اسان به هميشه قانون کي منهن ڏنو آهي. اسحاق ڊار چيو ته واقعي جي سببن جي ايجان خبر نه آهي. پنهنجي قيادت کي تحريڪ انصاف جي جذبات کان آگاهه ڪندي، ٻئي طرف شاهه محمود قريشي چيو ته معاملا سنڀارڻ جي ڪوشش ڪئي ٻئي وڃي ته انهن کي ڪير خراب ڪري رهيو آهي. آگاري تي جيڪا اڇپرائي ٿي ان کان سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪندي، پوءِ عدالت جيڪو چاهي فيصلو ڪري.

بقايا
***
03

آءِ جي سنڌ ڳهوٽڪي جي ڪچي ۾ شهيد ٽيل اهلڪار ڪشور ڪمار جي والد سوڍو مل اڈو ۽ ٻين سان ڏڪ ونڊيوميڊيا سان ڳالهائيندي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جو چوڻ هو ته شهيد اسان جو سرمايو آهن. سندن خاندان جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي، ڪشمور ڪنڊ ڪوٽ کانسواءِ سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي. اقتدار ۽ اختيار جي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺلن طرفان جرڳائين جي حمايت ۽ سهولتڪاري پڻ ٿئي ٿي، جنهن ڪري ئي انهن جي جاهه ۽ جلال جو جهان سلامت آهي. انهن غير انساني سزائن ۽ رياستي قانون خاموشيءَ سان ڏسندو رهي ٿو. جرڳا ڪندڙ

41 ستێبەر ڕابط

داشۆرەکانی سەیدان

42 ستێبەر ڕابط

کۆتا ڕۆژەکانی ئەم وەرزە بۆ ئەستێرەکانی ڕیاڵ

43 ستێبەر ڕابط

ئەو یاریزانانەی ڕیکۆردی زۆر گۆڕیوە

44 ستێبەر ڕابط

45 ستێبەر ڕابط

46 ستێبەر ڕابط

37 ستێبەر ڕابط

38 ستێبەر ڕابط

39 ستێبەر ڕابط

40 ستێبەر ڕابط

31 ستێبەر ڕابط

30 ستێبەر ڕابط

29 ستێبەر ڕابط

28 ستێبەر ڕابط

27 ستێبەر ڕابط

26 ستێبەر ڕابط

25 ستێبەر ڕابط

33 ستێبەر ڕابط

32 ستێبەر ڕابط

34 ستێبەر ڕابط

35 ستێبەر ڕابط

36 ستێبەر ڕابط

24 ستێبەر ڕابط

22 ستێبەر ڕابط

23 ستێبەر ڕابط

21 ستێبەر ڕابط

19 ستێبەر ڕابط

20 ستێبەر ڕابط

15 ستێبەر ڕابط

16 ستێبەر ڕابط

17 ستێبەر ڕابط

18 ستێبەر ڕابط

13 ستێبەر ڕابط

14 ستێبەر ڕابط

11 ستێبەر ڕابط

12 ستێبەر ڕابط

09 ستێبەر ڕابط

10 ستێبەر ڕابط

08 ستێبەر ڕابط

06 ستێبەر ڕابط

07 ستێبەر ڕابط

04 ستێبەر ڕابط

05 ستێبەر ڕابط

02 ستێبەر ڕابط

03 ستێبەر ڕابط

01 ستێبەر ڕابط